## (گل - ٦)



# رام نوميءَ جو اُتسوُ

ستگورو ٿي هن سنسار ساگر مان پار ڪرائڻ وارو ڪامل ملاح آهي، جو سولائيءَ سان جيو رُوپي ٻيڙيءَ کي، اُنڪل سان لهرن کان بچائي هلائي سگهي ٿو. جن جو ستگوروءَ ۾ ويساهه آهي، سي پنهنجي گوروءَ کي هروقت اکين سامهون ۽ انگ سنگ سمجهندا آهن، جنهن ڪري سندن هرديه، هروقت آنند سان ڀرپور رهندو آهي. جنهن وقت شرڌالوُ ڀڳتن جي مٿي تي، ستگورو پنهنجو پوتر هٿ رکندو آهي، تنهن وقت شش جا پاپ ڀسم ٿي ويندا آهن ۽ شش جي چنچل من کي، شانتي اچي ويندي آهي.

شري سائين بابا ۾ اِهائي شڪتي هئي. جنهن مهل مان ڌرمي پستڪ ويهي پڙهندو آهيان، تنهن مهل پنهنجي شري رام ۽ ڪرشڻ جي رُوپ ۾ کين پسندو آهيان ۽ مان ائين ٿي محسوس ڪندو آهيان ته هو منهنجي ڪلياڻ واسطي، شري ڀاڳوت يا شري راماين يا شري گيتا، مونکي سمجهائي رهيا آهن.

ڪٿا يا وارتالاپ ڪرڻ مهل، سندن ڏيسان ڪرڻ سان، منهنجي اندر ۾ ويهي، مون کان وات مان ٻولائيندا رهندا آهن ۽ جي ڪابه رچنا يا ڪوتا لکڻ وهندو آهيان ته اُنيڙ ڪندو آهيان ته هو خود اچي مونکي هٿ سان لکائڻ شروع ڪندا آهن. مون موُرک ۾ ڪابه سمرتي لکڻ جي ڪانه هئي، پر سندن ئي پريرنا ۽ ڪرپا سان، سندن پوتر چرتر لکي سگهيو آهيان.

## سائين بابا جي آشيرواد

رام نوميءَ جي اُتسو سماپت ٿيڻ بعد، شري سائين بابا آشيرواد ڏيندي چيو ته "منهنجن ڀڳتن جي گهر ۾ اَن ۽ ڪپڙي جي ڪڏهن به ڪمي ڪانه رهندي. جيڪي منهنجي شرڻ ۾ اچي، سچي هرديه سان منهنجا اُپاسڪ بڻجن ٿا اُنهن جي ڪلياڻ جي چنتا، مونکي سديو رهي ٿي. اِن ڪري پوجن ۽ وسترن جي چنتا تياڳ ڪري، ايشور جو نام ئي بخشيا ۾ گهرندا ڪريو. سنساري ڪوڙو مان ۽ لقب ڇڏي ايشور ڪرپا ۽ اُپيه دان پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ته اوهانکي سچو سنمان، ايشور جي درگاهه ملندو.

پنهنجي اِشٽ ديو ۾ ايمان رکي، سيني اِندرين ۽ من کي، ايشور چنتن ۾ مشغول رکو، جئن سنساري پدارٿن ڏانهن اوهان جو من ڌوڙون نه پائي. چت

جي شانتي پراپت ڪرڻ کان پوءِ، اوهين نوپيه پد کي حاصل ڪندا. مَن جو هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪائڻ ست سنگ جو اثـر جي نشاني آهي. جيسين چت جي چنچلتا ختم نه ٿي آهي، تيسين مَن ايڪاگر ڪين ٿي سگهندو. مٿين آشيرواد، پوءِ ١٩٢٥ واري سائين ليلا پتريڪا ظاهر ڪئي ويئي.

## رام نوُمي ۽ عرس جي گڏيل ميلي جو آرنڀ

ڪوپر ڳانو ۾ شري گوپالراءِ نـالي هڪ اِنسپيڪٽر هو، جو باباجن جو پرم ڀڳت هو. هن کي ٻي اِستريون هيون پر ڪنهن کي ٻـ ٻـار ڪونه ڄائو. شري سائين بابا جي شرن وٺڻ کان پـوءِ هن کي پـت پئدا ٿيو، جنهن جي خوشيءَ ۾، ١٨٩٧ ۾ هن کي ويچار آيو ته شرڊيءَ ۾ "عـرس" جو ميلو لڳائجي. جڏهن تاتيـا پاٽل، دادا ڪوتي پاٽل ۽ ماڌوراو سان اِها ڳالهه اچي چوربائين، تڏهن هنن کي اِها ڳالهه ڏاڍي پسند پيئي ۽ باباجن کان پڻ ڪيس منظوري وٺي ڏنائون.

باباجن جي آگيا موجب، عرس ۽ رام نوُميءَ جو ساڳئي ڏينهن ميلي ملهائڻ ۾، هندو مسلم ايڪتا قائم ڪرڻ جوتي اُصول عمل ۾ آندو ويو. شرڊيءَ ۾ پاڻيءَ جي تنگي اڳيئي هئي. کوُهه ڪل ٻه هئا، جن مان هڪ جو پاڻي کارو هوندو هو ۽ ٻيو وري جلد ئـي سڪي،

ويندو هو. باباجن کاري کوهہ ۾ پهنجي مبارڪ هٿن سان گل وجهي، اُن کي منو بڻايو ۽ ميلي ۾ اچڻ واري خلق لاءِ هڪ کوهہ جو پاڻي ڪافي ڪين هو، تنهن ڪري تاتيا پاٽل، پاڻي باهران گهرائڻ جو پربنڌ ڪيو. بانس جي لڪڙين جا ڪچا دڪان ٺهرايا ويا ۽ ڪشتي ملهہ وغيرہ ڪرائڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو.

## چندن ليمپ ۽ راس ڌُوپ سرگس

گوپالراو گنڊ جو هڪ دوست داموُ اَڻا ڪانسار، احمدنگر ۾ رهندو هو. تنهن کي پاڻ سائين بابا جي ديا سان پٽ پيدا ٿيو تہ هن ميلي لاءِ وڏو شاهي جهنڊو ٺهرائي ڏنو. ٻيو وڏو جهنڊو نانا صاحب جاگيردار پڻ ڏنو. ٻئي جهنڊا اڳيان ڪٽي سرگس ڪڍيائون ۽ سڄي ڳام کي چڪر هڻي، اچي مسجد ۾ پورو ڪيائون، (جنهن کي باباجن، ”دوارڪا مائي“ ڪري ڪوٺيندا هئا.) جلوس سان آندل هندن جا بہ جهنڊا، پوءِ مسجد تي مٿان جهولايا ويا ۽ مسلمان وري چندن گهي ٿالهيون پري، واس ڌُوپ ۽ لوبان خوب جلائي، سرگس ۾ سڳند ڦهلائيندا هليا. جڏهين ”دوارڪا مائي مسجد“ وٽ پهتا، تڏهن آندل چندن سان، مسجد جي ڀتين تي ليپو ڏيڻ لڳا! اِهو خيال هڪ مسلم ڀڳت جي مغز مان نڪتو، جنهن رام نومي - عرس جي گڏيل ميلي کي

عمل ۾ آندو ۽ جو اَڄا تائين هليو اچي. مسلمان ڀڳت جي مؤت بعد، سندس اِستري چندن جي ليپ جو رواج چالو رکندي آئي. مطلب تـــ هندن طرفان رام نؤمي جو سرگس ۽ مسلمانن طرفان چندن ليپ ۽ لوبان واس ڌوپ سميت، عرس جي جلوس جو هڪ عجيب سنگم يا ميلاپ جو نظارو هو.

## مسجد ۾ رام نومي ميلو ملهائڻ

باباجن جا ڀڳت، سوير شيوڪ تي بندوبست ڪرڻ ۾ لڳي ويا - ٻاهريون ڪم تاتيا پاٽــل ٻاڻ تي ڪنيو ۽ اندريون رڌڻ پچائــڻ ۽ پرساد وغيره جــو ڪــم، راڌا ڪرشڻا مائيءَ ڀڳتڻ ٻاڻ تي هموار ڪيو. اُن سان گڏ وگڏ، هوءَ مسجد جي صفائي ٻهاريءَ جو ڪم ٻـڻ ڪندي هئي. مسجد ۾ ”ڌوُڻي“ ڏينهن رات دکڻ سبب، دُونهين جي ڪاراڻ ڀتين ۽ ڇت تي لڳندي رهندي هئي پر جڏهن باباجن وڃي ”چــاوڙيءَ“ ۾ سمهندا هئا تڏهن هيءَ سياڻي ڀڳتڻ پيل سامان بــاهر ڪڍي، ڇت کي ڇنڊي، پوءِ پوچي لڳائي ڇڏيندي هئي، جــا رات جو سڪي ويندي هئي ۽ صبح جــو ”دوارڪا مائي“ بلڪل صاف ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

باباجن کــي، غريبن کي ڀــوجن ڪرائڻ تمام پــريہ لڳندو هو، اُنهن لاءِ ڪاڌو ۽ مٺايون ٻــڻ، ڀڳتڻ راڌا

ڪرشڻا تيار ڪندي هئي، جو سندس گهر ۾ ئي تيار ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڪاري ۾ ڪيترا ڏنوان ڀڳت، ڀمسي جي مدد ڪندا هئا. ١٩١٣ ۾ ڀڳت ڀيشم (شري سائين سگڻ اُپاسنا جو ليکڪ)، اَمراوتيءَ جي دادا صاحب ڪاپرڊي سان گڏجي، ميلي ڪان هڪ ڏينهن اڳي شرڊيءَ ۾ اچي، "ديکشت واڙي" ۾ ٽڪيو. جڏهن دالان ۾ پنڌ ڪري رهيو هو ته لڪشمن راءِ (ڪاڪا مهاجني)، پوجا جي سامگري کڻي، مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو. ٻنهي پاڻ ۾ ويچار ڪيو ته عرس جو ميلو، رام نوميءَ جي ڏينهن تي، ياترين سان بلڪل ڀريل تو لڳي ۽ خوب تو مچي، تنهن ڪري شري رام جي شبي جنم دن تي، پوسڌ ڀڳت هريداس ڪي چو ته گهرايو وڃي، جو اُن ڏينهن اچي ڪيرتن ۽ ڪٿا ڪري. ڀڳت ڀيشم اِهو ٻڌي چيو ته مون "رام جنم ساکيءَ جا پيچن ناهيا آهن، جي مان خود ڳائيندس. اوهين هارمونيم وڄائجو، ۽ راڌا ڪرشڻا پڻ، جي اسان سان گڏجي ڳائيندي ته واهه جي مؤج مچي ويندي. پر اَول اُن جي منظوري، باباجن ڪان وٺڻ لاءِ هلو ته مسجد ۾ هلون."

جڏهن باباجن وٽ آياسون ته اَنترِيامي باباجن يڪدم پڇيو ته "ديکشت واڙي ۾ ڪهڙيون صلاحون ڪري رهيا هئا؟" اِهو سوال ٻڌي ويچارو مهاجني ته

گهبرائجي ويو ۽ باباجن جو مطلب نہ سمجهي، ٻڌي چپ چاپ بيهي رهيو. مٿان وري باباجن ڀيشم کي چيو تہ ”کيا بات هئي؟“ ڀيشم يڪدم رام نوميءَ اُتسوَ ملهائڻ جو نئون ويچار باباجن اڳيان پيش ڪري چيو تہ ”ڪرپا ڪري پنهنجي آگيا ڏيو تہ اِئين ملهايو وڃي.“ باباجن مشڪي وراڻيو ”نيڪ آهي ڀلي اِئين ڪريو.“ اِهو ٻڌي سڀئي خوش ٿيا ۽ رام جنم اُتسو (رام نومي) ملهائڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن مسجد ”دواركا مائي“، کي جهنڊين سان خوب سينگاريو ويو. ڀڄنڻ راڌا ڪرشڻا، هڪ پينگهو آڻي، باباجن جي آسڻ جي سامهون رکيو. ڀيشم رام جنم ساکي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ ڪٿو تي بيٺو ۽ مهاجني هارمونيم وڄائڻ شروع ڪيو تہ باباجن، مهاجنيءَ کي سڏائي چيو تہ ”اڙي، هي وري ڪهڙو ڪتراڳ ڪيو اٿو؟ هي پينگهو ڇو رکيو ويو آهي؟“ مهاجني هٿ ٻڌي جواب ڏنو تہ ”سوامي جي، رام نوميءَ اُتسوَ ملهائڻ جي پرارمڀ ڪرڻ لاءِ ئي، هي پينگهو هتي رکيو ويو آهي.“ اِهو ٻڌي، باباجن اُتي رکيل گلن جي هارن مان ٻہ هار کڻي هڪ پنهنجي گلي ۾ پاتو ۽ ٻيو ڀيشم کي پائڻ لاءِ مهاجنيءَ کي ڏنو، جو پائي، ڀيشم پنهنجي مڌر ۽ بلند آواز سان ڪيرتن چالو ڪيو. ڀڄن سماپت ڪرڻ بعد، سڀني آيل سنگت کان ”راجا

رام چندر ڀڳوان ڪي جئ“ جا نعرا هڻايا ويا. سڀ أن مستيءَ ۾ تاڙيون وڄائي جهولڻ لڳا ۽ خوشيءَ ۾ پوجي آيل سنگت جي مٿان گلال وغيره ڇنڪارڻ ۽ ناچ ڪرڻ لڳا ته...

اوچتوئي اوچتو باباجن جي گرجنا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ”اي پاڳلو، هي رؤنشو ۽ ملاڪڙو لڳائي ۽ گلال جو ڏوڙيو ڇو مچائي رهيا آهيو؟ اوهانجو گلال، منهنجن اکين ۾ اچي پيو آهي!“ ساري سنگت هيسجي ويئي تاڙين ۽ جڻڪارن بدران سناٽو ڇانئجي ويو. پر جيڪي باباجن جا بلڪل ويجها ڀڳت هئا ۽ باباجن جي سڀاءَ مان چڱيءَ طرح واقف هئا، تن سنگت کي چيو ته ”گهبرايو نه. باباجن جي اها ڪاوڙ، گويا اسان سڀني لاءِ هڪ آشيرواد آهي. اوهين ڪوبه خيال نه ڪريو. اڄ راوڻ جي اهنڪار ۽ دشمت ٻڌي کي ناس ڪرڻ وارو رام پيدا ٿيو هو، ۽ باباجن پڻ اسان جي اهنڪار ۽ دشمت ٻڌي ناس ڪرڻ لاءِ، ڪروڌ ۾ پوجي اسان تي آشيرواد ڪري رهيا آهن. اوهين پنهنجي موج ۾ مست رهو.

هيڏانهن ويچاري راڌا ڪرشنا بائي، جا پڻ ڪيرتن ۾ شامل هئي، تنهن کي اچي ڌپ ورايو ته باباجن مٿان ڪروڌ ۾ اچي، پينگهي کي نه اچي پين. ان ڪري اشارو ڪيائين ته پينگهي کي ٻاهر ڪڍو. ماڻهن

پينگهي کي لُنيو تہ باباجن چيو تہ ”پينگهو ٻاهر نہ ڪڍو ۽ پنھنجو ڪار۾ ڪرم چالو رکو.“ اها آگيا پائي، سڀ مؤج ۾ اچي ويا ۽ ڪيرتن، مها پوڄا ۽ آرتي سماپت ڪري، ھٿ ٻڌي عرض ڪيائون تہ ”ھاڻي ڪرپا ڪري پينگهي ٻاهر ڪڍڻ جي آگيا ڏيو.“ باباجن چيو تہ اڃا اُتسؤ پورو ڪونہ ٿيو آهي. سڀاڻي ”گوپال ڪالا اُتسؤ“ ملهائڻ ڪانپوءِ ئي پينگهو ٻاهر ڪڍيو ويندو.“ سڀيئي اُن تي راجا رامچندر ڀڳوان کي جيءَ ۽ سائين بابا کي جئہ جا نعرا هڻي، ٻاهر نڪتا. ٻئي ڏينھن جڏهن باباجن جي چوڻ موجب، گوپال ڪالا اُتسؤ ملهايو ويو تڏهن باباجن پينگهي ٻاهر ڪڍڻ جي آگيا ڏني.

رام نؤمي اُتسو ۾، مٽيءَ جي بوٽن ۾ ڏڌ ۽ ”پوُئا“ پينھوُن ملائي رکڻ جو رواج هوندو هو، جو ڪيرتن سماپت ٿيڻ بعد، بوٽن کي ڀڃي، پرساد طور سنگت ۾ ورهايو ويو. پوءِ ٻہ وڏا جھنڊا اڳيان ڪري سرگس ڪڍيو ويو ۽ رات جو چندن ۽ واس ڌوُپ جو جلوس ڪڍيو. رام نوميءَ جي ڏينھن واري جلسي، رات جو ٿوري ”عرس“ جي ميلي جو روپ ورتو. ١٩١٣ ڪانپوءِ هر سال ساڳئي ڏينھن، رام نومي ۽ عرس جا ميلا گڏ لڳندا آيا.

اُن بعد ڀڳتڻ راڌا ڪرشنا مائيءَ وري ”رام سپتاھ“

يعني ڀڳوان جي ناليءَ جي اکنڊ ڌنِ، ست ڏينهن ۽ ست راتيون لڳاتار چالو ڪرائي، جنهن ۾ الڳ الڳ ٽوليون، هڪ ٻئي پٺيان پنهنجي ڌنِ هڻائڻ جو وارو وٺنديون هيون ۽ صبح جو سڀ ٽوليون پاڻ ۾ ملي، پرڀات ڦيري ڪنديون هيون. ايندڙ سال يعني ١٩١٤ جي ميلي ۾ وري جڏهن ڀڳت هريداس نه اچي سگهيو، تڏهن مهاجنيءَ وري، هلندڙ زماني جي تڪارام ٻوئا صاحب کي وٺي آيو. اُن کانپوءِ وري ستارا ضلع جو پرسڌ ستار تي ڳائيندڙ، شري هريداس برهد ست ڪوٺي، پنهنجي ڳوٺ مان پليگ پوڻ سبب ڀڄي، شرڊيءَ ۾ اچي نڪتو. باباجن کان موڪل وٺي، اُن کان ڪيرتن ڪرايو ويو ۽ کيس پنا پوڳ ڀيٽا پڻ ڏني ويئي. پوءِ باباجن ڪيرتن وغيره جو سڄو ڪم داس گڻو مهراج کي هميشه لاءِ سونپي ڇڏيو، جو اج تائين هلندو اچي. چيٽ مهني جي ”سهائي پکش“ ۾، اُنيهءَ تٿ کان ٻارهين تٿ تائين، ميلي ۾ اينترا گهڻا ماڻهو ايندا هئا، جڻ ماکيءَ تي مکيون اچي مڙيون آهن. ونڊيل خلق سارو دڪان به وڌندا ويا ۽ پهلوانن جون ڪشتيون ۽ ملهون به خوب هلنديون هيون. غريبن کي ڀوڄن پڻ ڪارايو ويندو هو.

مطلب ته ڪرشنا مائي ڀڳتڻ جي سخت پريشرم ۽ جفاڪشيءَ ڪري، دوارڪا مائي جي مسجد کي هڪ

سنستا جو روپ ملي ويو ۽ پئسا ٻه جام اچڻ لڳا، جن مان هڪ سندر گهوڙو، پالڪي، رٿ، چالـديءَ جا ٿانو وغيره ورتا ويا. عام لنگر لاءِ پڻ ڌن جي ورکا پيئي ٿيندي هئي، اُنسو جي موقعن تي، هڪ هاٿي پڻ سرگس ۾ ڪنيو ويندو هو، ليڪن باباجن انهن ڳالهين ۾ ڪابہ دلچسپي ڪين وٺندا هئا ۽ هر وقت پنهنجي تياڳ ۽ اُداس ورتيءَ ۾ رهندا هئا.

مٿين ميلن جي سرگسن ۽ جلوسن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل ٿيندا هئا، جن ۾ (٥) هزارن کان (٧) هزارن تائين ماڻهو شامل هوندا هئا، تنهن هوندي بہ، ڪڏهن منيپيد ڪونہ ٿيندا ٿيو. خلق وڌندي وڌندي وڃي (٧٥) هزارن تي پهتي تہ بہ باباجن جي مهر سان، اُتي نہ ڪڏهن ڪا بيماري ڦهلي ۽ نہ ڪڏهن ڪو دنگو فساد ٿيو.

## دوارڪا مائيءَ کي نئون روپ

جهڙيءَ طرح رام نومي ۽ عرس ملهائڻ جو خيال اول گوپال ڪند کي آيو، ساڳي طرح جهوني دوارڪا مائي مسجد کي نئين روپ ڏيڻ جو خيال پڻ ڪيس ئي آيو ۽ هن پٿر لهرائڻ شروع ڪيا. نانا صاحب چندورڪر کي پٿين وغيره لهرائڻ جو شرف پراپت ٿيو ۽ مسجد جي فرش جي شيوا ڪاڪا صاحب ڊيڪشت ڪئي.

شروعات ۾ ته باباجن مسجد ڊاهڻ جي آگيا نه ٿي ڏني پر پوءِ مهلاساڀتي ۽ڀگت جي بار بار عرض ڪرڻ تي، باباجن ها ڪئي ته هڪ رات اندر جهوني مسجد ڊهي، نئين دوارڪا مائي تي پيئي!

اڳي باباجن، هڪ ٿاٽ جي ٽڪر تي آسڻ لڳائي ويهندا هئا، هيئنر اُن ٽڪر بدران نندي گدي وڇائي وئي. مٿيون ڪاريه ١٩١١ ۾ ڪيو ويو. اڳي مسجد جو اڱڻ ننڍو هوندو هو، هيئنر اُن کي وڌائي، اُنکي چئن سان پڪڻ جي رت رتي وئي ۽ سنگت جي ڇاڙهيل پيتا ۽ بين شرڌالن جي ڏنل مايا مان، لوهه جا ٿنڀا، ڪاٺ جون بليون ۽ ڪنڍيون وغيره خريد ڪري، ڏينهن رات مزور ۽ ڪاريگر وهاري، لوهه جا ٿنڀا زمين ۾ کوڙيا ويا.

## ڪروڌ ۽ پيار جي ليلا

ليڪن!...... ٻئي ڏينهن جڏهن باباجن چاوڙي ۾ مان موٽيا ته کوڙيل ٿنڀا ڏٺائي ڏٺي، زمين تي ڪيرائڻ شروع ڪيائون!! هڪ هٿ سان ٿنڀي کي ڌوڏڻ لڳا ته ٻئي هٿ سان تاتيا جو بوچڻ لاهي، اُن کي باهه ڏئي، ڪيرايل ٿنڀي جي کڏ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيائون!! سندن لعل اکين مان اهڙا ڪروڌ جا اُلا نڪرڻ لڳا، جو ڪنهن کي به سندن منهن ۾ نهارڻ جي همت

ڪانه ٿي ۽ اُڪيون هيٺ ڪري ڏيپ وچان چوڻ لڳا ته باباجن جي ڪروڌ کي ڪير شانت ڪرائيندو. رنگه ۾ (زبود ست) ڀنگه پئجي ويو.

۽ آخر؟ ... باباجن جو هڪ ڪوڙهيو ڀڳت، همت جهلي سندن اڳيان وڌيو ته باباجن ڪيس ڌڪ هڻي اهڙو ته ڌڪو ڏنو جو هو ٿاٻڙجندو ويو. ماڌوراءِ ڀڳت سان پڻ ساڳي ڪار ٿي ۽ باباجن مٿن سروُن اُڇلڻ لڳا!! جن ٻه ڀڳتن سندن چرن پڪڙڻ ۽ ڪين شانت ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تن سيني کي سروٽا لڳا!

ڳچ وقت گذرڻ بعد، باباجن جو ڪروڌ گهٽ ٿيو ۽ هڪ دڪاندار کي سڏائي چيائون ته "هڪ زريدار دپٽو ڪڍي آءُ." سڀ حيران ٿي باباجن جي ٻي ليلا لاءِ اِنتظار ڪرڻ لڳا.

دڪاندار جڏهن زريدار دپٽو ڪڍي آيو تڏهن باباجن اُهو وٺي اُتيا ۽ ٽاٽيا جي مٿي تي ٻڌڻ لڳا يعني هنجي عزت ڪرڻ لڳا!! هيءَ وچتر ليلا ڏسي، سڀ ڀڳت دنگه رهجي ويا ۽ سمجهي نه سگهيا ته آخر باباجن جي ڪاوڙ ڪرڻ جو سبب ئي ڪهڙو هو، جو اول ٽاٽيا کي ڌڪ ٻجو هڻي ڌڪو ڏنائون ۽ هينئر پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪيس پڳ پيا ٻڌن!!

رواجي طرح باباجن بلڪل شانت ۾ رهندا هئا ۽ ڀڳتن سان کلي وارتالاپ ڪندا هئا، پر ڪنهن وقت

اوچتو ئي اوچتو سندن سپاڪ ۾ جوش ۽ ڪاوڙ پيڙ ڪا ڏيئي نڪرندي هئي، جهڙي مٿين ليلا مان ظاهر ٿئي ٿي. بين وقتن تي پڻ، سندن ڪاوڙجي ليلا جو ورڻن، دوارڪا مائي مسجد ۾ ٿيندو اُنسوَن يا ڪاروواين جي سنبند ۾ ڏنو ويندو."

پريوءِ جي عجيب سائين لوڪن جي ليلا پڻ عجب ۾ وجهندڙ ٿيندي آهي." رنگ هسهن رنگ روڪهن، چپ پي ڪر جاهه - پرواهه ناهي ڪسي ڪيري، باجهه سچي ناهه." يعني مؤلاءِ سان پيار ڪندڙ لوڪ بس مؤلائي ٿيندا آهن ۽ ڪنهن وقت ٽهڪ ڏيئي کلندا، ڪنهن وقت روئندا، ڪنهن وقت بلڪل چپ ۾ ۽ ڪنهن وقت جوش ۾ ايندا ڏسبا آهن. هو ماڻهن جي خوش رکڻ جي ڪابه پرواهه نه ڪري، پنهنجي مؤلائي ليلا ۾ مست رهندا آهن. جي پگمت سب پڇي وچن ته چا، جي چرڻن کي چنبڙي پون ته چا. مطلب ته پرماتما جا پيارا لاهوُتي ۽ لاپرواهه ٿيندا آهن.